# ي

**ي** = سنڌي ـ هندي ـ اردو ـ پارسي ۽ عربيءَ جي الفابيٽ جو هڪ اکر. جنهن جو آواز هن ريت ڪبو آهي. "يي".

**يَ** = نيڪ نامي — هوا — سير — سواري — روانگي — وڃڻ وارو.

**يَاپَنُ** = هلائڻ — چال چلڻ — مٽائڻ

**يَاپَنَا** = هلائڻ —گ ذران جو رستو حاصل ڪرڻ. اها دولت جيڪا ڪنهن کي گذران لاءِ ڏني ويئي هجي.

**يَاپِيَہ** = لڪائڻ جهڙو — حفاظت جي لائق

**يَاتَ** = هليو ويو هجي.

**يَاتَا** = مڙس جي ڀاءُ جي زال — ڏيرياڻي — ڊرائيور. — گاڏي هلائيندڙ — هلڻ وارو — وڃڻ وارو — ماري وجهڻ وارو.

**يَاتَا يَاتْ** = اچڻ وڃڻ — آمدرفت

**يَاتْرَا** = (جاترا) سفر — زيارت ڪرڻ.

**يَاتورڪ** = مسافر — سياح — زيارت ڪندڙ ـ زيارتي — زنوار

**يَاتَرِي** = حاجي ـ زيارتي

**يَاتَنُ** = بدلو — انعام — امتحان

**يَاتَنَا** = سخت — رنج — مصيبت. دوزخ جي تڪليف

**يَاتو** = رستي سان هلندڙ — راهه رو.

**يَاتَّارٿيَہ** = سچائي — ايمانداري

**يَاجَڪ** = اهو شخص جو مذهبي رسومات ادا ڪرائي — پيش امام — پوڄاري.

**يَاجَنُ** = مذهبي رسمون ادا ڪرائڻ. جوڳ يا پوڄا ڪرائڻ.

**يَاجِيَہ** = اها ملڪيت يا جائداد يا تحفو جيڪو مذهبي يا ديني رسومات جي ادائي لاءِ حاصل ڪئي وڃي.

**يَاچَا** = سوال ڪرڻ — گهرڻ.

**يَاچِتْ** = التجا ڪئي ويئي. پڇيو ويو. گهريو ويو.

**يَاچَڪ** = گهرڻ وارو — گدا — فقير — اميدوار

**يَاچَنُ** = گهرڻ — سوال ڪرڻ.

**يَاچَنَا** = پنڻ — درخواست ڪرڻ.

**يَادَرْش** = جهڙو — جهڙي طرح جنهن جي برابر

**يَادَو** = پاڻي — هر پاڻيٺ واري شي.

**يَاڳ** = قرباني — پوڄا

**يَاڳَنْڪ** = ورزش ڪرڻ — عبادت جو طريقو

**يَامَ** = هڪ پهر — پاس

**يَامِڪ** = چوڪيدار — نگهبان

**يَامَلْ** = جاڙا ٻار

**يَامُنَ** = سرمون — ڪجل

**يَامِنِي** = غير مذهب

**يَامِنِي** = رات

**يَامِنِي پَتِي** = رات جو مالڪ چنڊ

**يَامي** = ڀيڻ

**يَانَ** = ڏينهن جو چوٿون حصو — پهر

**يَان و** = روانگي — هر قسم جي سواري — دشمن تي حملو ڪرڻ.

**يَاوُ** = جيترو — جنهن قدر — سپ — ڪُلُ = جيستائين.

**يَاوَتَ** = جيتري قدر — ايستائين

**يَاوَجِيْوَنُ** = سڄي ڄمار — ساري عمر

**ياهي** = ان کي — هن کي

**يَائِي** = وڃڻ وارو.

**يَتَ** = پابند

**يُتْ** = جو الڳ نہ ٿئي. گڏ — شامل

**يَتَـرَهْ** = جنهن جاءِ ـ جتي.

**يَتْـرَهْ تَتْـرَهْ** = هيڏي هوڏي. ڪجهہ هت ڪجهہ هُتي. جاتي ڪاتي — جگہ جگہ

**يَتْرَهْ يَتْـرَهُ** = جتي جتي

**يَتْ ڪَنچِتْ** = ڪجهہ — ٿورو گهڻو.